الصلوٰة والسلام عليک يا رسول الله

چاليهه 40 حديثن جو گلدستو

صلي الله عليه وسلم

شانِ مصطفيٰ

ليکڪ

حضرت مولانا عبدالرسول قادري

باهتمام

م - ا - ق

انجمن پيغام رضا رضي الله تعاليٰ عنه

آفيس - لگ غوثيه مسجد علي آباد لياقت ڪالوني حيدرآباد

- پوسٽ ڪوڊ نمبر 71000

مفت سلسليوار اشاعت نمبر 10

نالو ڪتاب:- شانِ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم

مصنف:- مولانا عبدالرسول قادري

ڪمپوزنگ:- بشير جمالي، عبدالبرالعزز ليزر ڪمپوزنگ حيدرآباد

پريس:-

تعداد :- ٻه هزار 2000

هديو:- پڙهڻ ۽ اُن مٿان عمل ڪرڻ

"ڪتاب گهرائڻ جو طريقو"

ٽپال ذريعي ڪتاب گهرائيندڙ ٽن رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلي، ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا.

انڊريس- انجمن پيغام رضا. رضي الله تعاليٰ عنه

آفيس لنڪ روڊ مسجد علي آباد، لياقت ڪالوني حيدرآباد سنڌ

– اغراض ۽ مقاصد –

1- باطل نظرين جو اثرائتو رد، ۽ اسلامي نظرين کي فروغ ڏيڻ.

2- اهل سنت جي عقائد جي حفاظت ۽ اشاعت جو ڪم ڪرڻ.

3- تحفظ ناموس رسالت، تحفظ عظمت صحابہ، تحفظ شان اهل بيت ۽ تحفظ مقامات اولياء الله لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

4- علماء اهل سنت، خاص ڪري اعليٰ حضرت امام احمد رضا محدث بريلوي رضي الله تعاليٰ عنه جو لٽريچر شايع ڪرڻ.

5- خاص ڪري سنڌ اندر "ڪتب و ڪيسٽ لائبريري" قائم ڪرڻ.

6- هر سال صفر مهيني جو سموري سنڌ ۾ اعليٰ حضرت جو عظيم الشان عرس ملهائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ.

لاڙڪاڻي مان گهرائڻ جو پتو: صاحبزاده سيد زين العابدين راشدي مولانا بلبل سنڌ روڊ لاڙڪاڻه سنڌهہ.

پوسٽ ڪوڊ نمبر 77150

"انجمن پيغام رضا جي اشاعت هيٺين ريت آهي"

1- (ڪتاب) تمهيد ايمان مع سوانح اعليٰ حضرت - رضي الله تعاليٰ عنه - گلزار احمد قادري.

2- (ڪتابڙي) تبليغي جماعت پنهنجي آئيني ۾ - سيد عارف حسين شاهه

3- موحد کي صدا - پمفلٽ) مولانا ارشد سعيد ڪاظمي (اردو)

4- شان مصطفيٰ (ڪتاب) - مولانا عبدالرسول قادري.

5- الحجة لا ڪمل (ڪتاب) - مولانا عطاء الڪريم زير طبع

6- ديوبندي مذهب (ڪتاب) - مولانا عطاالڪريم زير طبع

7- ديوبندين جا عقيدا (ڪتاب) مفتي محمد جان نعيمي زير طبع.

8- نبي ڪريم جي نورانيت جو بيان (اشتهار) مولانا عزيز الله الحبوي

9- علم غيب مصطفيٰ جو بيان (اشتهار) مولانا عزيز الله الحبوي

10- رحمتن رات شب قدر (اشتهار) صاحبزاده زين العابدين راشدي

11- خونخوار ڪرڙي - (اشتهار) صاحبزاده زين العابدين راشدي

12- اذان جي جواب جون فضيلتون - (اشتهار) صاحبزاده زين العابدين راشدي

13- شب قدر جون فضيلتون - اشتهار) صاحبزاده زين العابدين راشدي

مهاڳ

اما بعد فقير عبدالرسول قادري برادران اسلام جي خدمت ۾ عرض ڪري ٿو ته، حديث شريف ۾ حضورﷺ ارشاد فرمايو آهي ته، جنهن به منهنجي امتي، دين جي باري ۾ چاليهه حديثون ياد ڪيون، ته الله تعاليٰ ان کي فقهاء ۽ علماء جي زمره مان اٿاريندو. هڪ روايت ۾ آهي ته آئون ان جي لاءِ شفاعت ڪندس ۽ شاهد هوندس ٻئي روايت ۾ آهي ته ان کي حڪم ٿيندو ته جنت جي جنهن به دروازي کان گهُري داخل ٿئي.

مون انهي اميد تي هي حديثون، علم حديث جي گلزار مان چونڊي گلن جو گلدسته وانگر گڏ ڪيون آهن. جنهن ۾ حضور پُر نور ﷺ جي نور، مالڪ و مختار- عالم ماڪان و مايڪون ۽ حاضر ناظر، حضور جي مثل ڪوبه ڪونهي. حضور ﷺ الله تعاليٰ جو محبوب آهي ۽ ڪيس هر وقت امت ياد آهي ۽ ٻين وصفن ۽ ڪمالات جو ذڪر آهي.

جنهن مان چٽي طرح هي امر ثابت ٿي رهيو آهي، ته اسان جو حضور ﷺ سيني کان وڌيڪ بلند شان وارو ۽ نور هدايت جو سرچشمو آهي. صاحبِ قرآن ۽ جانِ ايمان جي فضائل

و ڪمالات تي مشتمل ڪتاب جو نالو "گلدستہ احاديث" رکيو
اٿم. ازانسواءِ قرآن مجيد جي فضائل تعليم ۽ اهميت متعلق ب
چاليهہ حديثون جمع ڪيون اٿم جنهن جو نالو "مالڪ مولي
لال" رکيو اٿم.

اميد اٿم تہ حضور ﷺ جا امتي سڳورا ۽ عاشق صادق
هنن حديثن مان فائدو حاصل ڪندا، عشق محبت سان مالا مال
حديثن مان مون گنهگار جي حق ۾ دعاءِ خير گهرندا تہ جيئن الله
تعاليٰ وڌيڪ محبت ۽ توفيق عطا فرمائي ۽ خاتمہ بالخير ڪري.
آمين-

والسلام
دعا طلب

پنو: فقير عبدالرسول قادري غفرله

مهتمم:

مدرسہ عربيہ فردوس احمد ڪريم ڏڙي مڪسي محرابپور روڊ
سڪرنڊ، ضلع نوابشاه سنڌ.
26 جمادي الآخر 1397هہ
4-6-77 جون

حضور ﷺ جن ھي ٻڌي جبريل عليه السلام کي چيو:

"وعِزةُ رَبِي أنا ذالِكَ الکَوکَب"

مون کي منھنجي پالڻھار جي عزت جو قسم! اُھون ئي اھو نوراني تارو آھيان."

(روح البيان)

حديث شريف ٣

حضرت انس رضي الله عنه روايت ٿو ڪري ته: ھڪ ڀيري حضورﷺ ۽ سندس ساٿي حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنھم اُحد جبل تي چڙھيا. اُحد جبل محبت ۽ خوشي ڪان جھومڻ يا لُڏڻ لڳو. پاڻ ڪريم عالم ماڪان وما يڪون ﷺ اُحد جبل کي پير مبارڪ سان اشارو ڪندي فرمايو: اُحد بيھي رھه توتي ھڪ نبي، ھڪ صديق ۽ ٻه شهيد آھن."

(بخاري شريف)

حديث شريف ٤

حضرت جابر بن سمرة رضي الله عنه فرمايو ته: مون حضور پر نور ﷺ کي چوڏھينءَ جي رات ۾ ڏٺو. چوڏھينءَ جو چنڊ به پنھنجي پوري آب و تاب سان چمڪي رھيو ھو، مون چنڊ کي به ڏٺو، ۽ مديني جي چنڊ حضور سائينءَ کي به نظر ڪري ڏٺم، ڪين سرخ جوڙو پھريل ھو.

مونکي حضور پر نور ﷺ جو نوراني مُنھن مبارڪ، چنڊ کان وڌيڪ روشن ۽ حسين و جميل نظر آيو."

(مشڪواة شريف)

حديث شريف ٥

حضرت عباس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ: هڪ ڏينهن مون حضور ﷺ جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ مون حضور سائين جي ننڍپڻ ۾ هڪ ڳالهہ ڏٺي هئي، جا اوهان جي نبوت تي دلالت ڪري رهي هئي ۽ منهنجي مسلمان ٿيڻ ۾ انهي ڪي وڏو دخل آهي ۽ اها ڳالهہ آهي "مون اوهان کي ڏٺو تہ پينگهي ۾ چنڊ سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا؛ ۽ جنهن طرف اوهان آنگر جو اشارو ڪيو ٿي، چنڊ بہ انهيءَ طرف ويو ٿي." حضور ﷺ فرمايو تہ: آئون چنڊ سان ڳالهيون ڪندو هوس، هو مونسان ڳالهيون ڪندو هو، ۽ مونکي روئڻ کان ريجهائيندو هو، ۽ آئون ان جي لهڻ جو آواز ٻڌندو هوس، جڏهن هو عرش الاهي جي هيٺان سجدو ڪندو هو."

(خصائص الڪبريٰ)

حديث شريف ٦

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما فرمايو تہ: مون آخري پيرو حضور ﷺ ڏانهن نظر ڪئي، جو سومر جي ڏينهن دروازي تان پردو کولي ڇڏيائون، پوءِ مون حضور پُر نُور ﷺ جن جي نوراني مُنهن مبارڪ ڏانهن ڏٺو، "جڻ تہ قرآن شريف جو ورق آهي."

(شمائل ترمذي)

حديث شريف ٧

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما روايت آهي تہ: حضور ﷺ جن ارشاد گرامي فرمايو تہ بارگاهہ ربيءَ ۾ بہ ٻانها

ٻيهاريا ويندا، انهن کي الله تعاليٰ جنت ۾ داخل ڪرڻ جو حڪم فرمائيندو.

هي ٻئي ٻانهآ عرض ڪندا" يا الله! جل شانه ڪهڙي شيءِ اسان کي جنت جي لائق ڪيو آهي؟ حالانڪ اسان ڪو به نيڪ عمل ڪونه ڪيو آهي، فقط تنهنجي رحمت سان جنت جا اميدوار هئاسون. تنهن تي الله تعاليٰ فرمائيندو، "توهان جنت ۾ داخل ٿي وڃو، انهيءَ جي لاءِ تہ مون کي پنهنجي ذات جو قسم آهي، جو مون پاڻ تي لازم ڪيو آهي، تہ جنهن جو نالو "احمد" يا "مُحمد" آهي، ان کي جهنم جي باهه ۾ نہ وجهندس.

(مدارج النبوة)

حديث شريف ٨

حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ "حضور ﷺ وصال جي روزن کان منع فرمايو. هڪ شخص عرض ڪيو. يا رسول الله! اوهان پاڻ تہ وصال جا روزا رکو ٿا.

حضور ﷺ فرمايو اوهان مان منهنجي مثل ڪير آهي؟ آئون رات پنهنجي رب وٽ گذاريان ٿو. منهنجو رب مون کي کارائيندو ۽ پيارينندو آهي."

(بخاري شريف)

حديث شريف ٩

اُم المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها، حضورﷺ کان ۽ حضور ﷺ جبريل عليه السلام کان روايت ڪئي آهي تہ جبريل عليه السلام چيو تہ: آئون مشرق ۽ مغرب

ٿريو آهيان، پر ڪوبہ شخص حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کان وڌيڪ افضل ڪونہ ڏٺم ۽ ڪوبہ قبيلو بني هاشم کان وڌيڪ افضل ڪونہ ڏٺم."

(حجة الله علي العالمين)

حديث شريف ١٠

حضرت بريدہ رضي الله عنہ فرمائي ٿو تہ: هڪ اعرابي حضور ﷺ کان معجزو طلب ڪيو، حضور ﷺ اعرابي کي فرمايو تہ هن وڻ کي چئو تہ توکي حضور ﷺ سڏي ٿو. جڏهن اعرابي ان وڻ کي چيو، تہ وڻ پنهنجي ساڄي ۽ کابي، اڳيان ۽ پويان جهڪيو، تہ ان جون پاڙون ڇڄي پيون. پوءِ هو زمين چيريندو ۽ پنهنجون پاڙون ڇڪيندو ۽ مٽي اڏائيندو حضور ﷺ جي سامهون اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو اسلام عليڪ يا رسول الله! (اي الله جا رسول اوهان تي سلام هجي) اعرابي عرض ڪيو تہ وڻ کي حڪم ڪيو تہ وري ساڳي جڳهہ تي موٽي وڃي. حضور ﷺ جي حڪم سان اهو وڻ موٽي ساڳي جڳهہ تي پنهنجي پاڙن تي سڌو ٿي بيٺو (هي معجزو ڏسي) اعرابي عرض ڪيو تہ مون کي اجازت ڏيو تہ اوهان کي سجدو ڪيان، حضور ﷺ فرمايو جيڪڏهن سجدي جو ڪنهن کي حڪم ڪيان ها تہ عورت کي چوان ها تہ پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري.

اعرابي وري عرض ڪيو تہ پوءِ مون کي هٿن، پيرن چمڻ جي اجازت ڏيو. تہ پاڪ ڪريم رؤف رحيم ﷺ ان اعرابي کي

ته سيرن چمڻ جي اجازت ڏني."

(شفا شريف)

حديث شريف ١١

ابو زيد رضي الله عنه روايت ٿو ڪري ته: حضور ﷺ اسان کي فجر نماز پڙهائي، منبر تي چڙهيا، ۽ اسان کي خطبو ڏنو، ايستائين جو ظهر جو وقت ٿيو ته پاڻ لهي ظهر نماز پڙهيائون. ۽ وري منبر تي چڙهيا ۽ خطبو پڙهيو تانته عصر، (ٽيپهريءَ) جو وقت ٿيو، پوءِ لهي نماز پڙهيائون وري منبر تي چڙهي ۽ خطبو پڙهيو تانته سج لهي ويو پوءِ پاڻ ﷺ اسان کي خبر ڏني جو ڪجهه ٿي چڪو هو ۽ جو ڪجهه اڳتي ٿيندو.

پوءِ اسان ۾ زياده علم وارو اهو شخص آهي، جو اسان مان زياده ياد رکڻ وارو آهي."

(مسلم شريف)

حديث شريف ١٢

حضرت عبدالله بن عمررضي الله عنهما فرمائي ٿو ته: حضورﷺ ٻاهر نڪتا سندن هٿن مبارڪن ۾ ٻه ڪتاب هئا: پاڻ فرمايائون ته ڇا توهان ڄاڻون ٿا ته هي ٻه ڪتاب ڪهڙي قسم جا آهن؟ اسان عرض ڪيو يا رسول الله! اسان کي خبر ناهي، مگر جو اوهان اسان کي ٻڌايو. ته پاڻ ڪريم جن هڪ ڪتاب متعلق ٻڌايائون جو ساڄي هٿ ۾ هين، ته هي ڪتاب رب العالمين جي طرفان آهي، هن ۾ جنت وارن جا نالا ۽ انهن جي پيئن ۽ انهن جي قبيلن

جا نالا مذڪور آهن، پوءِ انهيءَ جي آخر ۾ جوڙ ڏنل آهي، انهيءَ مان نہ گهٽ ٿيندو ۽ نہ زياده ڪيو ويندو.

پوءِ وري کابي هٿ واري ڪتاب متعلق فرمايائون تہ هي ۾ رب العالمين جي طرفان آهي ۽ هن ۾ دوزخين جا نالا ۽ انهن جي پيئن جا نالا ۽ انهن جي قبيلن جا نالا درج آهن، پوءِ انهيءَ جي آخر ۾ جوڙ ٿيل آهي، ۽ هن ۾ نہ گهٽتائي ٿيندي، نہ واڌارو ٿيندو."

(مشڪواة شريف)

حديث شريف ١٣

طارق بن زياد حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت ٿو ڪري تہ حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو تي تہ: حضور ﷺ اسان جي وچ ۾ بيٺا پوءِ ابتدا خلق کان وٺي اسان کي خبر ڏنائون، تانتہ جنتي جنت ۾ ۽ دوزخي دوزخ ۾ پنهنجن پنهنجن جاين تي پهتا.

اسان مان جنهن ياد رکيو، انهيءَ ياد رکيو،

جنهن وسايو، انهيءَ کان وسري ويو.

(بخاري شريف)

حديث شريف ١۴

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ آيو ۽ هڪ ٻڪري ڪٽي ويو. ٻڪرار ان جو پيڇو ڪري، ٻڪري ڇڏائي ورتي تہ بگهڙ هڪ مٿاهين ٽبي تي چڙهي ۽ چوڻ لڳو تہ الله تعاليٰ مون کي رزق ڏنو آهي مون ورتو ۽ تو مون کان کسي ورتو آهي. ٻڪرار چوڻ لڳو

خدا جو قسم! ان جهڙو واقعو مون ڪڏهن نه ڏٺو جو ٻکڙ ۾

ڪالهوڪي رهيو آهي. مون ان ٻڪرڙ چيو ته هن ڪان وڌيڪ عجب ته

هي آهي جو هڪ شخص ٻن جبلن ۽ کجين جي وچ مديني پاڪ

۾ آهي. اهو انهن ان جو ڪجهه گذريو ۽ ڪجهه انهن کان پوءِ

ٿيندو ان جي خبر ڏئي ٿو. پر اوهان ان تي ايمان نٿا آڻيو!

اهو شخص يهودي هو. اهي اچي حضور ﷺ کي هي خبر ٻڌائي

۽ مسلمان ٿيو. حضور ﷺ جن ان جي تصديق فرمائي.

(مشڪواة شريف)

حديث شريف ١٥

ابن عساڪر روايت ڪئي آهي ته: جڏهن حضور ﷺ

خيبر فتح ڪيو ته هڪ گڏهه حضور ﷺ سان ڳالهايو. حضور ﷺ

گڏهه کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان چيو ته منهنجو نالو

يزيد بن شهاب آهي. الله تعاليٰ منهنجي ڏاڏي جي نسل مان سٺ

گڏهه اهڙا پيدا ڪيا آهن، جو انهن تي نبيءَ کان سواءِ ڪنهن

سواري نه ڪئي آهي، ۽ آئون هي تمنا رکان ٿو ته حضور جن جي

سواري جو شرف حاصل ڪريان. منهنجي ڏاڏي جي نسل ۾

مون کانسواءِ ٻيو ڪوبه باقي ڪونه رهيو آهي ۽ توهان کانسواءِ

ٻيو ڪو نبي اچڻ وارو ڪونهي. ان وري چيو ته اوهان کان اڳ

۾ آئون هڪ يهودي جي قبضي ۾ هوس، جڏهن هو مون تي

چڙهڻ جو ارادو ڪندو هو ته آئون ازخود ٿيڻ ٿي ان کي ڇڙهڻ

نه ڏيندو هئس اهو يهودي ڪاوڙ مان مون کي بکيو رکندو هو.

انهي تي حضور ﷺ ان کي فرمايو ته اڄکان تنهنجو نالو يعفور آهي
هي يعفور حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ رهندو هو. حضورﷺ
جڏهن ان کي ڪنهن ماڻهو کي گهرائڻ لاءِ موڪليندا هئا ته هو ان
جي دروازي تي وڃي مٿي سان دروازو کڙڪائيندو هو. جڏهن
گهر جو مالڪ ٻاهر نڪري ايندو هو ته اشارو ڪندو هو ته
حضور سائين توکي گهرايو آهي، اهو ان کي وٺي ايندو هو.
جڏهن حضور ﷺ رحلت فرمائي ته يعفور حضور جي جدائي ۽
فراق جي غم ۾ ابوالسهم بن السهان جي کوهه ۾ ٽپو ڏئي پاڻ
کي ماري ڇڏيو.

(مدارج النبوة)

حديث شريف ١٦

ابن عباس رضي الله عنه فرمائي ٿو ته: حضور ﷺ جن
جا اصحاب سگورا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رها هئا، ته حضور ﷺ
ٻاهر نڪري انهن جي پرسان ٻيهي سندن ڳالهيون ٻڌيون، ڪي
چون پيا ته الله تعاليٰ ابراهيم عليه السلام کي خليل بنايو، ٻئي
چيو ٿي ته الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام کي ڪليم بنايو يعني
الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام سان ڪلام فرمايو.
ٻئي چيو ٿي ته عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جو
ڪلمه ۽ روح آهي. ٻئي چيو ٿي ته آدم عليه السلام کي الله
تعاليٰ چونڊيو. پوءِ حضور ﷺ انهن اصحابن وٽ آيا ۽ فرمايائون،
”مون اوهان جي ڳالهين ۾ عجب ڪي ٻڌو آهي. بيشڪ ابراهيم

عليه السلام الله جو خليل آهي، ۽ موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جو ڪليم آهي ۽ عيسيٰ عليه السلام الله جو ڪلمه ۽ روح آهي ۽ آدم عليه السلام کي الله تعاليٰ چونڊيو. خبردار! آئون الله تعاليٰ جو حبيب آهيان، ۽ ڪو فخر ناهي. آئون لواء الحمد کي قيامت ۾ کڻڻ وارو آهيان، آدم عليه السلام ۽ انهيءَ کان سواءِ سڀ منهنجي جهنڊي هيٺان هوندا ۽ ان ۾ فخر ڪونهي، قيامت ۾ آئون پهريون شفاعت ڪندڙ ۽ پهريون شفاعت قبول ڪيل آهيان ۽ ان ۾ فخر ڪونهي. آئون پهريان جنت جو دروازو کڙڪائيندس، ته الله تعاليٰ منهنجي لاءِ کوليندو ۽ مونکي سيني کان پهريان جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ مون سان مسڪين مومن هوندا، ڪو فخر ناهي، ۽ آئون سيني اڳين ۽ پوئين کان الله تعاليٰ وٽ عزت وارو آهيان، ڪوبه فخر ڪونهي.

(دارمي شريف، ترمذي شريف)

حديث شريف ١٧
17

هڪ ڀيري حضور ﷺ سڱي هڻائي، رت مبارڪ عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کي ڏنو، ته ٻاهر وڃي اهڙي جڳهه ۾ لڪائي ڇڏي، جيئن ڪوبه نه ڏسي.

حضرت عبدالله بن زبير ٻاهر نڪري رت مبارڪ پي ڇڏيو. جڏهن واپس آيو ته حضور سائين پڇيو ته ڇا ڪري آيو آهين؟ عرض ڪيائين ته اهڙي جڳهه ۾ لڪائي آيو آهيان، جتي ڪوبه ڪونه ڏسندو.

حضور ﷺ فرمايو، "شايد تون پي آيو آهين؟" عرض

ڪيائين تہ ها سائين! چو تہ مونکي خبر آهي جنهن ۾ اوهان جو رت مبارڪ هوندو، ان کي دوزخ جي باهہ نہ لڳندي. حضورﷺ فرمايو: بيشڪ تون دوزخ جي باهہ کان بچي وئين! پوءِ فرمايائون تہ افسوس انهن ماڻهن تي جيڪي توکي قتل ڪندا! ۽ افسوس تون انهن کان بچي نہ سگهندين."

(شفا شريف)

فائدو: علامہ علي قاري شرح شفا ۾ لکي ٿو تہ : عبدالله بن زبير کان ڪنهن ماڻهو پڇيو تہ رت مبارڪ جو ذائقو ڪهڙو هو؟

جواب ۾ فرمايائين تہ رت مبارڪ جو ذائقو ماکيءَ کان مٺو ۽ خوشبوءِ ڪستوريءَ جهڙي هئي.

حديث ١٨

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ:- حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت گرامي ۾ هڪ انصاري حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! مون نياڻي جو نڪاح ڪيو آهي، خوشبوءِ يا عطر جي ضرورت آهي، حضور سائين عنايت فرمائين. حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو سڀاڻي شيشي ڪٺي اچجانءِ، ٻئي ڏينهن اهو انصاري شيشي ڪٺي آيو. حضور صلي الله عليه وسلم پنهنجن ٻاهن مبارڪن تان پگهر مبارڪ اُگهي شيشيءَ ۾ وجهي ان اصحاب انصاري کي عنايت فرمايائون. جڏهن اهو پگهر مبارڪ استعمال ڪيو ويو تہ عطر کان وڌيڪ خوشبوءِ ڏسڻ ۾ آئي، ۽ اهو گهر خوشبوءِ سان ڀرپور ٿي ويو. ماڻهن انهي گهر جو نالو بہ "بيت الطيبين" يعني

"خوشبوءِ وارن جو گهر" رکيو. مديني پاڪ ۾ اهو گهر انهي نالي سان مشهور ٿي ويو.

(مواهب لدينه)

فائده:- بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ به جسم اطهر ۽ پگهر مبارڪ مان خوشبوءِ جون روايتون موجود آهن. "ع-ر قادري"

حديث ١٩

حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته:- حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ته مون کي پنج نعمتون ڏنيون ويون آهن، جو مون کان اول اهڙيون نعمتون ڪنهن کي به نه مليون آهن. آئون هڪ مهيني جي پنڌ تي رُعب جي ذريعي مدد ڪيو ويو آهيان ۽ منهنجي لاءِ سموري زمين مسجد ۽ پاڪ ڪئي وئي آهي، جو منهنجي امتي کي جتي به نماز جو وقت اچي اهو اتي ئي پڙهي سگهي ٿو ۽ منهنجي لاءِ غنيمتون حلال ڪيون ويون آهن، ۽ مون کان پهريان ڪنهنجي لاءِ به حلال نه هيون، ۽ مون کي وڏي شفاعت ڏني وئي آهي ۽ ٻيا نبي خاص پنهنجي قوم لاءِ موڪليا ويندا هئا، ۽ آئون سيني جي طرف موڪليو ويو آهيان.

(بخاري شريف)

حديث ٢٠

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته:- حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو منهنجو مثال ۽ ٻين نبين جو

مثال هن طرح آهي، جيئن خوبصورت محلات ٺهيل آهي، مگر ان ۾ هڪ سر جي جڳهه خالي رهيل آهي، ڏسندڙ خوبصورت محلات کي ڏسي، عجب ڪري چون ته هي جڳهه جو هڪ سر ڪانسواءِ خالي آهي. مون انهيءَ سر جي جڳهه کي بند ڪيو، مون سان اها عمارت ختم (پوري) ٿي وئي ۽ مون تي رسول ختم ٿي ويا.

هڪ روايت ۾ آهي ته اها آخري سر آئون آهيان، ۽ تنهن ۾ آخري نبي آهيان.

(متفق عليه. مشکواة شريف)

حديث ٢١

حضرت بريده رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- هڪ انصاري حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت گراميءَ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو يا رسول الله! اسان وٽ هڪ اُٺ آهي جو ڏاڍو ويڙهو آهي ۽ ڪنهن کي به مهار وجهڻ جي مجال نه ٿي ٿئي. هي ٻڌي حضور صلي الله عليه وسلم اُٿيا ۽ اسان به اُٿي هلياسون، پاڻ ڪريمن اتي پهچي دروازو کوليو جيئن اُٺ حضور صلي الله عليه وسلم، کي ڏٺو، تيئن ئي هليو آيو ۽ اچي سجدو ڪيو ۽ پنهنجي ڳچي زمين تي رکي.

حضور صلي الله عليه وسلم اُٺ جي مٿي کي وٺي هٿ مبارڪ ڦيرايو، پوءِ مهار گهرائي اُٺ کي مهار وجهي، انصاري کي ڏنو. حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله

عليهما عرض ڪيو يا رسول الله! بيشڪ هن اٺ سچاتو ته اوهان الله جا رسول آهيو؟

حضور رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم فرمايو ته:- ڪافر جن ۽ انسانن کان سواءِ ڪا به اهڙي شئي ڪانهي، جو هو نه سڃاڻي ته آئون الله جو رسول آهيان.

(دلائل النبوة خصائص ڪبريٰ)

حديث ٢٢

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- حضور صلي الله عليه وسلم اصحابن سڳورن سان مجلس ۾ موجود هئا، ته اوچتو هڪ شخص بني سليم قبيلي جو ڳوهه جو شڪار ڪري اچي لنگهيو، ان ڳوهه کي ڪڙتي جي آستين ۾ لڪائي ڇڏيو. جڏهن مجلس ڏانئين ته پڇڻ لڳو، "هو ڪير شخص آهي؟" اصحابن چيو ته "هي الله جو رسول آهي."

تڏهن هن ڳوهه آستين مان ٻاهر ڪڍي اڇلائي، ۽ چوڻ لڳو ته:- "مون کي لات ۽ عُزيٰ جو قسم آهي! جيستائين هي ڳوهه حضور جي نبُوت جي شاهدي نه ڏيندي تيستائين ايمان ڪونه آڻيندس." حضور صلي الله عليه وسلم ڳوهه کي سڏ ڪيو، اي ڳوهه! ڳوهه چٽي زبان سان جواب ڏنو ته "لَبَيڪَ وَ سَعدَيڪَ" (حاضر آهيان فرمانبردار آهيان) جنهن کي سموري جماعت ٻڌو. حضور صلي الله عليه وسلم ڳوهه کان پڇيو ته:- "تون ڪنهنجي عبادت ڪرين ٿي؟" ڳوهه جواب ۾ عرض ڪيو ته:- "آئون انهيءَ رب جي عبادت ڪريان ٿي جنهنجو

عرش آسمان ۾ آهي، ۽ جنهن جي بادشاهي زمين ۾ آهي، جنهنجو دريائن تي غلبو آهي، ان جي رحمت جنت ۾ آهي، ان جو عذاب دوزخ ۾ آهي." پوءِ حضور صلي الله عليه وسلم ڳوهه کي فرمايو ته:- "آئون ڪير آهيان؟" ڳوهه جواب ۾ چيو "اوهان الله جا رسول آهيو، ۽ خاتم النبي آهيو، جنهن اوهان کي سچو سمجهو اهو ڪامياب آهي، ۽ جنهن اوهان جي تڪذيب ڪئي اهو بدبخت آهي." اهو سارو مشاهدو ڏسي، مذڪوره اعرابي شخص ايمان آڻي مسلمان ٿيو.

(شفا شريف)

وابان الحق ضب اذبه:- علق الايمان من ذالک الرجل لامية المعجزات

حديث ٢٣

حضرت رفاعة رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- بدر جي ڏينهن منهنجي اک ۾ تير لڳو ۽ اک نڪري پئي، حضور صلي الله عليه وسلم ان اک ۾ لعاب مبارڪ وڌو ۽ دعا فرمايائون. پوءِ مون کي انهيءَ تير لڳڻ جو ذرو به سور نه ٿيو، ۽ اک بلڪل نيڪ ٿي وئي.

(خصائص ڪبريٰ)

حديث ٢٤

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- مون حضور صلي الله عليه وسلم جي دربار ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله! آئون اوهان کان تمام گهڻيون حديثون (ڳالهيون) ٻڌندو آهيان مگر وسري وڃن ٿيون.

رضي الله عنهما کان مختلف لفظن سان اهڙي روايت موجود آهي.

(ع - ر قادري)

حديث ۲٦

حديث انس رَضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- هڪ ڀيري مديني وارا خوف کان گهبرائجي ويا! ته نبي ڪريم صلي الله ليه وسلم ابو طلحه جي ڍري گهوڙي تي سوار ٿيا (گهوڙو پنڌ جو تمام ڍرو هو) جڏهن حضور صلي الله عليه وسلم واپس آيا، ته فرمايائون اسان تنهنجي گهوڙي کي بحر ڏٺوسون (هي تمام تکو هو) پوءِ اهو گهوڙو اهڙو تکو ٿي ويو جو ڪو به گهوڙو ان سان مقابلو نه ڪري سگهندو هو. هڪ روايت ۾ آهي ته هن گهوڙي کان اڳ ۾ ڪو به گهوڙو وڌي نه سگهندو هو.

(مشڪواة شريف)

حديث ۲۷

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- مون حضور صلي الله عله وسلم کان وڌيڪ ڪا به شئي حسين و جميل ڪانه ڏٺي. ڇڻ ته حضور پُر نور صلي الله عليه وسلم جي نوراني مُنهن مبارڪ ۾ سج هلي رهيو آهي.

۽ مون ڪوبه شخص حضور صلي الله عليه وسلم کان هلڻ ۾ تکو ڪونه ڏٺو، ڇڻ ته حضور صلي الله عليه وسلم لاءِ زمين ويڙهجي رهي آهي. اسان پنهنجي جان کي هلڻ سان تڪليف ۾ وجهندا هئاسون، ۽ حضور صلي الله عليه وسلم ڪا به پرواهه نه ڪندا هئا.

(مشڪواة شريف)

حديث ۲۸

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي آهي ته:- حضور صلي الله عليه وسلم اسان کي مخاطب ٿي فرمايو ته اي انسانو! بيشڪ اوهان تي حج فرض ڪيو ويو آهي پوءِ حج ڪيو.

هڪ شخص عرض ڪيو يا رسول الله! ڇا هر سال حج فرض آهي؟ پاڪ ڪريم خاموش رهيا. تانته ان ٽي ڀيرا پڇيو. تنهن تي حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو:- جيڪڏهن آئون هر سال چوان ها ته هر سال حج واجب ٿي وڃي ها! ۽ توهان ان جي طاقت نه رکي سگهو ها. پوءِ فرمايائون مون کي ڇڏي ڏيو جيستائين آئون اوهان کي ڇڏي ڏيان يعني جيستائين آئون ڪنهن شيءِ کي جائز يا ناجائز نه چوان ته توهان نه پڇو. ڇو ته توهان کان پهريان ماڻهو گهڻن سوالن ۽ نبين سڳورن سان اختلاف جي ڪري هلاڪ ٿي ويا. جڏهن توهان کي ڪنهن شيءِ جو حڪم ڪيان ته ان تي عمل ڪيو، ۽ جڏهن ڪنهن شيءِ کان منع ڪيان ته ان کي ڇڏي ڏيو.

(مسلم شريف)

حديث ۲۹

حضور صلي الله عليه وسلم پاڻيءَ جي هڪ مَشڪ پري، ان جو منهن ٻڌي اصحابن کي ڏني، ۽ دعا فرمايائون.

جڏهن نماز جو وقت ٿيو، تڏهن انهن ان مشڪ کي کوليو ويو ته اهو تمام سنو ۽ تازو کير هو، ۽ مَشڪ جي مُنهن

ٿي سگهي ٿو.

حديث ٣٠

(شفا شريف)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما فرمائي ٿو ته: مون حضور صلي الله عليه وسلم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو. پاڻ فرمايائون ته:- توهان مان ڪو به شخص تيستائين ڪامل مومن ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين مون کي پنهنجي ٻچن اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه سمجهندو.

(متفق عليه)

حديث ٣١

حضرت عثمان بن ابوالعاص رضي الله عنهما بيان فرمائي ٿو ته:- جنهن رات حضور صلي الله عليه وسلم هن دنيا ۾ جلوه افروز ٿيا، ان رات منهنجي ماءُ حضرت آمنه رضي الله عنهما جي گهر ۾ هئي، منهنجي ماءُ مون کي ٻڌايو ته حضرت آمنه رضي الله عنها جو گهر نور سان پرجي ويو ۽ مون جڏهن آسمان جي طرف ڏٺو ته تارا ايترقدر ويجهو نظر آيا جو مون کي خوف ٿيو ته اسان جي مٿان ڪري نه پون، ۽ جنهن وقت حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جي ولادت ٿي، ته سڄي گهر ۾ نور ئي نور پرجي ويو.

(طبراني شريف)

حديث ٣٢

حضرت عبدالرحمن بن عائش رضي الله عنهما فرمائي

ٿو ته:- حضور سرچشمه هدايت و نُور صلي الله عليه وسلم فرمايو مون پنهنجي رب عز و جل کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو. رب فرمايو (اي مُحمد) ملائڪ سڳورا ڇا ۾ جهڳڙو ڪري رهيا آهن؟ مون عرض ڪيو مولا تون ئي بهتر ڄاڻڻ وارو آهين. حضور فرمايو پوءِ منهنجي رب پنهنجي رحمت جو هٿ، منهنجي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو - مون ان فيض جي ٿڌڪ جي ٿڌاڻ پنهنجي ڇاتي ۾ لڌي. پوءِ مون کي انهن سڀني شين جو علم ٿي ويو جو آسمانن ۽ زمين ۾ آهن. ۽ حضور صلي الله عليه وسلم انهيءَ حال جي مناسب هي آيت تلاوت فرمائي.

”وَ كَذَالِكَ نُرِيِ اِبراهيم مَلَكُوتَ السموات والارض وَ ليكُونَ مِن الموقنين“ اهڙي طرح اسان ابراهيم عيه السلام کي آسمانن ۽ زمين جو ملڪ ڏيکاريون ٿا ته هو يقين ڪرڻ وارن مان ٿي وڃي.

(مشڪواة شريف)

حديث ٣٣

حضرت جابر رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:- حديبيه ۾ ماڻهو اُڃ جي ڪري ڏاڍا پريشان هئا. دربار مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائون ته حضور! اسان وٽ پاڻي ڪونهي، جنهن کي پيئون ۽ وضو ڪيون، مگر اوهان وٽ هڪ ننڍڙي ٿانوَ ۾ ٿورو پاڻي آهي، جنهن مان پاڻ ڪريم جن وضو فرمائي رهيا هئا. حضور صلي الله عليه وسلم ان وقت اُن ننڍڙي مَشڪ ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ وڌو پوءِ ڪلم پاڻيءَ جو

چشمون جاري ٿي ويو. سڀني اصحابن پاڻي پي ڌو ڪيو ۽ وضو ڪياتون. حضرت جابر کان پڇيو ويو ته اوهين سڀ ڪيترا ماڻهو هئا؟ حضرت جابر رضي الله عنه فرمايو ته اسان پندرهن سو ماڻهو هئاسون پر جيڪڏهن اسان لک ماڻهون هجون ها ته به اهو پاڻي اسان لاءِ ڪافي هو!!!

(بخاري شريف)

حديث ٣٤

جنگ بدر ۾ ابو جهل، حضرت معوذ بن عفراء رضي الله عنهما جو هٿ وڍي ڇڏيو هو.

ته حضرت معوذ پنهنجو هٿ کڻي حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، حضور صلي الله عليه وسلم اُن هٿ کي پاڻهن سان ملائي لعاب مبارڪ هنيو.

ته انهيءَ وقت هٿ اهڙو ملي ويو جو ڄڻ وڍيو ئي ڪونه هو.

(شفا شريف)

حديث ٣٥

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته:- هڪ شخص حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته يا رسول الله! آئون هلاڪ ٿي ويس، جو مون ماهِ رمضان ۾ پنهنجي گهر واريءَ سان جماع ڪيو آهي حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ڀانهو آجو ڪري سگهين ٿو؟ ان عرض ڪيو ته نه - حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ٻه مهينا

لاڳيتو روزا رکي سگهندين؟ جواب ۾ چيائين ته نه ساگهان، حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي سگهندين؟ ان عرض ڪيو ته نه - ايتري ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ کجور آندي وئي، حضور ساڻس فرمايو ته هن کي خيرات ڪر، تڏهن ان عرض ڪيو ته مديني جي شهر ۾ مون کان وڌيڪ ٻيو ڪو به مسڪين ڪونهي، حضور رحمة للعالمين مختيار رب العالمين صلي الله عليه وسلم هي ٻڌي کليا تانته ڏند مبارڪ به ظاهر ٿيا، ۽ فرمايائون ته-

"اذهب فاطعمهٔ اهلک" يعني وڃ پنهنجي گهر وارن کي کاراءِ.

(بخاري شريف)

فائده- هيئتر ڪو به روزو ڀڃندو ته ڪفاره لازمي ڏيندو.

حديث ٣٦

حضرت انس رضي الله عنه فرمائي ٿو ته هڪ شخص وحي لکندو هو، اهو مرتد ٿي ويو ۽ مشرڪن سان وڃي مليو.

فقالَ النّبي صلي الله عليه وسلم ان الارضَ لا تقبلهٔ.

يعني حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ته بيشڪ هن کي زمين قبول نه ڪندي يعني اندر جڳهه نه ڏيندي.

جڏهن هو مري ويو ۽ مشرڪن ان کي دفن ڪيو، ته زمين ٻاهر ڪڍي اڇلائي ڇڏيو. ڪيترا ڀيرا اوهي کي قبر کوٽي دفن ڪيو ويو، مگر جڏهن اهو دفن ڪري واپس موٽيا ٿي ته قبر ٻاهر اڇلي ڇڏيو ٿي، حضرت ابوطلحه رضي الله عنه فرمائي ٿو ته اهو شخص قبر کان ٻاهر ٿي پيو هو تانته ان جو جسم

نيست و نابود ٿي ويو مگر قبر يعني زمين اندر قبول نہ ڪيو.

حديث ٣٧

حضرت انس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ:- حضور صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ ڏڪر سالي ٿي، هڪ جمعي تي حضور صلي الله عليه وسلم خطبو پڙهي رهيا هئا تہ هڪ اعرابي اٿي عرض ڪيو يا رسول الله! مال برباد ٿي ويو، ٻار ٻچا بک ۾ پريشان ٿي ويا آهن، دعا فرمايو تہ مينهن وسي حضورصلي الله عليه وسلم نوراني هٿ مبارڪ دعا لاءِ مٿي ڪيا ۽ آسمان ۾ ڪڪر ڪونہ هئا. مون کي انهيءَ رب جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي تہ حضور هٿ هيٺ ئي ڪونہ ڪيا تہ آسمان تي ڪڪر جبلن وانگر ڇانئجي ويا. حضور اڃان منبر تان ڪونہ لٿا تہ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. مون ڏٺو تہ حضور سائين جي ڏاڙهي مبارڪ ۾ مينهن ۾ ڦڙا پيا. پوءِ اهو مينهن برابر ٻئي جمعي تائين وسندو رهيو. پوءِ اهو اعرابي يا ٻيو ڪو شخص اٿيو ۽ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! مال ٻڏڻ لڳو، ۽ جايون ڊهڻ لڳيون آهن، اوهان الله تعاليٰ کان دعا گهرو تہ مينهن بند ٿئي. حضور صلي الله عليه وسلم پنهنجا هٿ مبارڪ مٿي ڪري دعا گهري تہ يا الله! اسان جي چوڌاري مينهن وسي ۽ اسان جي مٿان نہ وسي. حضور سائين جيڏانهن بہ مبارڪ هٿ سان اشارو ڪندا ويا تہ ڪڪر اشاري سان اوڏانهن هلندا ويا. ۽ مديني شريف ۾ رب جي رحمت سان پربور ٿي ويو ۽ آسمان مديني مٿان صاف ٿي ويو.

(مشڪوٰة شريف)

حديث ٣٨

حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنهما فرمائي ٿو ته:- حضرت جابر بن عبدالله انصاري حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ آيو ته حضور سائينءَ جو چهرو مبارڪ پريشان هو، هي ڏسي ان وقت پنهنجي گهر ويو ۽ پنهنجي بيبي صاحبه کي چيائين ته مون حضور سائين جو چهرو مبارڪ متغير ڏٺو آهي، شايد بک جي ڪري ائين ٿيو آهي سو گهر ۾ ڪجهه موجود آهي؟ بيبي صاحبه چيو ته خدا جو قسم هڪ ٻڪري ۽ ٿوري اٽي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

حضرت جابر ان وقت ٻڪريءَ کي ڪٺو، ۽ گهر واريءَ کي چيو ته ”جلدي ۾ گوشت ۽ ماني تيار ڪر، جڏهن طعام تيار ٿيو تڏهن اهو طعام حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو، حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو اي جابر! پنهنجي قوم کي گڏ ڪر، پوءِ آئون انهن کي وٺي حاضر ٿيس. پاڻ فرمايائون ته انهن کي الڳ الڳ ٽوليون ڪري مون ڏي موڪليندو وڃ اهڙي طرح هو ڪاڌو کائڻ لڳا. جڏهن هڪ ٽولي کائي ڍؤ ڪيو ٿي، ته اها ٽولي ٻاهر نڪري ٿي وئي ۽ ٻئي ٽولي آئي ٿي، تانته سڀني کائي ڍؤ ڪيو ۽ ٿانءَ ۾ پهريان جيترو طعام هو، کائڻ کان پوءِ به اوترو ئي موجود هو کائڻ دوران حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو پئي ته هڏن کي نه ڀڃو، پوءِ پاڻ هڏن کي ٿانءَ ۾ گڏ ڪري ۽ ان تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ۽ ڪجهه پڙهيائون، جنهن کي مون ڪونه ٻڌو. اوچتو اها

ڪڪري ڪٿان ڦٽندي اچي ٿي؟ پاڻ ڪريم جن مون کي فرمايائون:- ”پنهنجي ڪڪري وٺ“ اٿئون ڪڪري پنهنجي گهر ڀري صاحب وٽ ويس، ايتري عجب مان هن چيو ڇا؟ مون چيو خدا جو قسم! هي پنهنجي ساڳي ڪڪري آهي، جنهن کي مون ڇڏيو هو.

حضور صلي الله عليه وسلم جي دعا سان الله تعاليٰ هن کي جيئرو ڪيو آهي، هي ڏسي ان جي گهر وارن چيو اسين شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ هو الله جو رسول آهي.

(دلائل النبوة - زرقاني شريف)

فائده- مذڪوره حديث ۾ جابر جي ٻن ٻارن جيئري ٿيڻ جو ذڪر، مدارج النبوة ۽ شواهد النبوة ۾ موجود آهي، مذڪور حديث مشڪواة شريف وغيره ۾ به مختلف لفظن سان روايت ٿيل آهي.

حديث ٣٩

نسفي جو بيان آهي ته:- الله تعاليٰ، حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جو سر مبارڪ برڪت مان، ۽ اکيون مبارڪ حيا مان، ڪن مبارڪ عبرت مان، زبان مبارڪ ذڪر مان ۽ لب مبارڪ تسبيح مان، ۽ منهن مبارڪ رضا مان، ۽ سينو مبارڪ اخلاص مان، ۽ قلب مبارڪ رحمت مان ۽ هٿ مبارڪ ڪرم مان، ۽ وار مبارڪ سبز جنت مان، ۽ لعاب مبارڪ ماکيءَ مان، ڏاڙهي مبارڪ برڪت مان، ۽ ٻانهون مبارڪ قوت مان، ۽ پير مبارڪ رضا مان ناهيا. جڏهن الله تعاليٰ حضور پُر نور صلي الله

يا الله مدد — الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله — المدد يا رسول الله

جلّ جلاله — صلّى الله عليه وسلّم

كنزالايمان

مع حاشيو

خزائن العرفان

(سنڌي ۾)

صحيح آهي ترجمهٔ قرآن - جنهن سان بچندو هنن آ ايمان
نالو آ جنهن جو كنزالايمان - لکڻ وارو آ احمد رضا خان
رضي الله تعالیٰ عنه

ترجمو:- اعلیٰحضرت امام اهل سنّت، شيخ طريقت، علامه مفتي محمد احمد رضا محدث بريلوي عليه الرحمة حاشيو - تاجدار اهل سنّت، صدرالافاضل، علامه مفتي سيّد محمّد نعيم الدين مرادآبادي قادري عليه الرحمة -

سنڌيڪار:- محقق اهل سنّت حضرت علامه مفتي محمد رحيم سكندري قادري مدظله -